
درويش درشن

آڌياتمڪ ماهوار رسالو



پرم پوجيه سوامي آشارام صاحب

ॐ

درويش درشن

اڌياتمڪ ماهوار رسالو
(عربي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾)

سنت شري آشارام آشرم
سابرمتي، احمداباد - ٣٨٠٠٠٥.
(٠٧٩) ٧٥٠٥٠١١ ،٧٥٠٥٠١٠

... - ٢٠	چندو (ڀارت لاءِ)	ولائت لاءِ
...و - ٩	ساليانو - ١٥ ر	ساليانو ١٥٠ ر
...پٽمبر - ١٩٩٨	آجيون ١٥٠ ر	آجيون ١٥٠٠ ر

असतो मा सद्गमय।
तमसो मा ज्योतिर्गमय॥
मृत्योर्मा अमृतंगमय॥।

هي پريو ! اسانکي استيہ کان بچائي ستيہ ڏانهن وٺي هلو.
...ڪار کان پرڪاش ڏانهن ۽ موت کان بچائي امر آتما ڏانهن وٺي
.

پترن جي پوڄا سان ونش پرمپرا اڳتي وڌندي آهي. ديوتائن
... آراڌنا سان اِندرين جو بل وڌندو آهي. ڀڳوان رام، ڪرشن ۽ شوَ
... آراڌنا سان مانسڪ بل وڌندو آهي.
شش جي تتپرتا ۽ مهاپرشن جي اوچائي جيتري هوندي اوترو
آتم ساڪياتڪار جو ڪاريہ جلد ئي پورو ٿيندو.

ست چت آنند آتما يهي جان، مت ڀوُل،
پرمانند کي پراپتي اِهه امرت کو موُل

رنگي (ڏکٽهاري) ڪيئين کي مٽيءَ جي گهر ۾ رکي ڀوُن ڀوُن
ي آهي. آخر ڪينئون ڀرنگيءَ جو روپ تي پوندو آهي، تئن
ں سان پرپڪ اوستا کي ضرور پراپت ٿيندا.

ڦرٽي ۾ ئي جڳت آهي. ڦرٽو نه آهي ته آنند ئي آنند آهي.
، کي ڪيئن هٽائجي؟ من ڏاڍو چنچل آهي. من کي جئن جئن
ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته شانت نه ٿيندو، وئراڳه ۽ ابياس سان
انت ٿيندو. بيو من تي رکو نظر رکو. من آخر ٿلي هلي شانت
و. جيسين ٻي ورتي اُٿي، تيسين اُن شانت گهڙيءَ جو انيوُ ڪريو
شش ڪري اُن اوستا کي وڌايو. جيئن اِها شانت اوستا وڌندي
ي، تئن آنند جو انيوُ ڪندا ويندا. اِها ئي اوستا آهي، جنهن لاءِ
ا شاستر رچيا ويا آهن.

”ايڪ ورتي تياڳ ڪري، ڏوجي نه اُٿوا ڏيوين،
وچ ۾ جيون مڪتي نوُ، آنند ليوين.
ٻوڙت ٻوڙت ٻوڙيا، جتي من کي ٻوڙ،
ٻوڙ تڪي من تِر پيا، وستو نور کي نور.“

بشور پرايڻ اُهو تي سگهي تو، جنهن جا ٻيا سڀ واسطا ڇٽي
تا.

وار جي سچو ٿئي ته ڪڙه تي کير پياري. توهين به جي ٻاڻ سان
تيندا ته آتڪ وئراڳه جي ابياس سان آتم آنند کي ضرور پراپت
. وَستو ته اڳه ۾ ئي پراپت آهي، پر ٻاڻ ڀُلائي اُنجي ڄاڻ
ي ڪرٽي آهي، جئن انڌڪار فقط هڪ ماچيس جي تيليءَ سان
تي وڃي ٿو.

❋ اُپديش امرت ❋

شري سوامي ليلاشاھ مھاراج

آتم چنتن

آتم درشن ھرروز ڪجي ٻہ پيو، پر پروڙ ڪانہ ٿي پوي تہ اِھ ئي اسانجو نج سروپ آھي يعني اھو اسانجو پنھنجو پاڻ آھي. آتم درشن جي اندر ۾ سک پکي پختي اھڙي ھجي، جھڙي دنيوي پدارٿن جي حاصل ڪرڻ جي اندر ۾ ٿيندي آھي. گرو وششٽ مھاراج جن فرمايو آھي تہ ديھہ کان پاڻ کي ڌار سمجھہ. سني ءَ طرح اڀياس ڪر. جيئن ماٽيوءَ کي پڪ اچي ويئي آھي تہ آءٌ ڪپڙن کان ڌار آھيان؛ ساڳيءَ ريت يقين ٿي وڃي تہ آءٌ ديھہ کان ڌار آھيان. ديھہ جي ٻاري ۾ ائين نشچيہ ڪجي ۽ آتم چنتن ۾ خوب دل لڳائجي. ھرروز گھري ننڊ ۾ جو آنند پسجي ٿو، اُھو آنند پنھنجي اصلي سروپ آتم ديو جو ئي آھي. سشوپت ۾، سماڌيءَ ۾، جاڳڻ بعد ۽ خواب ۾ پورڻ پاڻ آھيان. گھڙي جي اندر جو آڪاش نرمل آھي، اھو جيڪو وياپڪ يعني پڪڙيل آڪاش آھي، اُن کان ڌار نہ آھي ھڪ سروپ آھي. اھڙيءَ طرح اُپاڌين کانسواءِ آءٌ ست، چاڻ سروپ آتما سچدانند پريوءَ کان ڌار نہ آھيان.

اندر ۾ پڪ آڻجي تہ مون کي ھن ئي جنم ۾ پنھنجي آتما جو يٿارٿ پوريءَ طرح بوڌ ٿيندو. آءٌ پنھنجي جيون مڪتيءَ ۽ وديھہ مڪتيءَ جي آنند ۾ سدائين اِستٿت رھندس. ھميشہ جي جمڻ مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو ملندو. باقي برو سنگ، برا سنڪلپ ۽ برن ڪمن کان ڪنارو ڪجي.

ون متيا آهي ائين سوچي جڙ آلسي ۽ نراس تي جيئڻ لاءِ نہ آهي.
يا ڪاريہ ڪرڻ واسطي مليو آهي. پش، ڪيرتي، سيوا، ڌرم، ارٿ،
ش وغيره سڀ سريشٽ پراپتيون ڪرڻ واسطي مليو آهي. اِن
ري هن سنسار ۾ جيئڻ جي ڪوشش ڪريو. هن ديو درلڀ منش
م کي پائي پويتر ڪرم ڪندي ۽ دين دکين جي سيوا-رکشا ڪندي
ئجي. منش جيون سچي ارٿ ۾ منش بڻجڻ لاءِ ئي آهي.

هي بندوا سداچار جي مارگہ تي هلندي، سندر ۽ اُنتيءَ پريا
چار وڌائيندي ۽ لوڪ ڪلياڻ جو ڦهلاءُ ڪندي جيئڻ جي ڪوشش
ريو.

توهان هڏين - ماس جو پتلو نہ آهيو، انيڪ دئِوي شڪتين سان
پور آهيو. اُتساهہ - هيڻ ڪڏهن بہ نہ ٿيو پنهنجين خاميتن کي
ٽو ۽ انهن جو وڪاس ڪريو.

ديننتا ۽ ڀرپوڪ پاؤ کي دور ڪري، ڌيرج روپي ڌرم کي ڌارڻ
ڪريو!

ويرتا ۽ آتم وشواس سان اڳتي وڌو!!

اوم گرو اوم! اوم گرو اوم!

• سچائيءَ سان ڌرم جي، صفائيءَ سان سونهن جي، سلچڻن سان
اندان جي ۽ سادن ڪپڙن سان استريتو جي رکيا ٿيندي آهي.

• ٢٤ ڪلاڪ ..... فقط ٢٤ ڪلاڪ اهو فيصلو ڪريو تہ 'منهنجي ڪا
چا نہ آهي ..... مالڪ جيڪا تنهنجي مرضي هجي اهو سڀ سويڪار
هي .....' تہ توهان کي جيئڻ جو مزو اچي وڃي.

ويد واڻي

प्राश्चो आगम नृतये हसाय।

”منش جيون کلندي کيڏندي جيئڻ لاءِ آهي.“ چنتا، ڏپ
شوک، ڪروڌ، نراشا ۾ پيو رهڻ مهان مورکتا آهي.

انمول منش سرير پورب جنم جي انيڪ پڇن ۽ ست ڪرمن جي
ڦل سروپ پرماتما جي ڏراوت جي روپ ۾ مليو آهي. ان کي پراپ
ڪري دکي، نراس يا ڏنل رهڻ هڪ قسم جو پاپ آهي. ان پاپ
ڀاڳي نه بڻجڻ گهرجي. ماڻهو توري توري دک يا آفت کي ڏسي جل
ئي ڏکي ويندا آهن. توري گهڻي پريشاني ۾ گهبرائجي وڃڻ، اِ
هڪ مانسڪ ڪمزوري آهي. حقيقت ۾ سک-دک جو ڪارڻ ٻاهريو
پراستثيون نه آهن، منش جي من جي اِستثي آهي. من جي
ڪانير اِستثيءَ کي متائڻ گهرجي. جنهنجو من ٻلوان آهي، جنه
جي وويڪ ٻڌي ميزان ۾ رهندي آهي ۽ جنهن جي سمجهه شرميل
ٻوڌي جيان وِهاتري نه آهي، اهو منش دک کي سولائيءَ سان سه
سگهندو آهي.

جيڪو ڏيرينو پرش دک جي استيتو ۾ وشواس نه رکي، جيڪ
ڪشٽن ۽ آفتن کي جاڳرتا، ساوڌانيءَ ۽ چستتا جو وسيلو مڃندو آهي
اهو سکن کان وڌيڪ دکن مان لاڀ وٺندو آهي.

سنسار ۾ سکن جو دکن جو اُپيوگ ڪندي جيون جيئڻ سکو. هي

ندو آهي، دکي ۽ گهبرايل هوندو آهي ته انجو ڪارڻ ڪا نه ڪا آشا،
ا ئي هوندي آهي. هر جهڳڙي يا لڙائيءَ جو ڪارڻ به آشا ترشنا ئي
ندي آهي. جيڪو آشا جو داس آهي اهو ٽنهي لوڪن جو غلام آهي.
ڪو آشا جو سوامي آهي اهو ترلوڪيءَ جو سوامي آهي.

يوگ وسشت ۾ اچي ٿو: 'هي رامجي! ايترو نه نرڳ ۾ به دک
آهي جيترو ترشناوان کي آهي. ايترو سک سرڳ ۾ به نه آهي جيترو
ننا رهت پرش کي پراپت ٿيندو آهي.

توهان ڪنهن دوست سان ملو ٿا. اُن وقت' اگر وڏو بڻجڻ جي،
ي ٿيڻ جي آشا سان ڳالهايو ٿا ته توهان جو هردي، ٽوڪيندو رهندو
ي ۽ ايڏو آنند نه ايندو. جيڪڏهن آشا رهت ٿي ملو ٿا ته پريم
نهت ٿيندو آهي، ايمانداري پرگهٽ ٿيندي آهي ۽ توهان هڪ
ب جي لاءِ پراڻ ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهيو.

اندر ۾ اگر ڪا آشا رکي توهان سوچيندا آهيو ته توهان جي
چڻ جي درشٽي بلڪل هلڪي ٿي ويندي آهي ۽ آشا ڇڏي آشا جو
مي بڻجي وڃو ٿا ته توهان جي دواران نئون پرڪاش، نئون اُتساهه
ئون مارگ درشن ملندو آهي. آشا ترشنا سان پرجي جيڪي مهمان
ستڪار، سنمان ڪندا آهن ۽ ڪين سهوليتون به ڏيندا آهن ته ان
ن مهمان جو ايترو ڪلياڻ نه ٿيندو آهي جيترو آشا رهت ٿي ڪرڻ
ن ٿيندو آهي. آشا رهت ٿي فقط پاڻيءَ جو گلاس به پيئاريو ٿا،
هن کي فقط پريم پري مشڪ به ڏيو ٿا يا آدر ڪريو ٿا ته ان مهمان
ن چت تي اڏياتمڪتا جو گهرو اثر پوندو آهي. ترشڻا رهت چت
نم ۾ استت ٿي ويندو آهي ۽ ترشنا وارو چت جڳت ۾ ڀٽڪندو
ي.
(● هلندڙ ----)

ستسنگ سريتا

آشائن جو داس نہ .....
آشائن جا رام ٻڻجو

هِتوپديش نالي گرنٿ ۾ لکيل آهي :

सर्वं अधितं तेन तेन सर्वं अनुष्ठितम् ।
येन आशा पृथक्कृत्वा नैराश्यं अवलम्बितम् ॥

”اُن سڀ انوشٺان ڪري ورتا ۽ اُن سڀ اڀياس ڪري ورتو جنهن ترشنا جو تياڳ ڪيو آهي، آشا-رهت پد جو آسرو ورتو آهي.“

جيڪي آشائن جا داس آهن اهي سڄي دنيا جا داس آهن ۽ جن آشا کي داسي بڻايو آهي انهن جي سڄي دنيا داسي ٿي ويندي آهي.

جنهن جون آشائون ترشنائون نشٽ ٿي وڃن ٿيون ان جي سامهون قدرت پنهنجا راز کولڻ لڳندي آهي. آشا ترشنا نہ هئڻ سان سنڪلپ وڪلپ شانت ٿيڻ لڳندا آهن جيڪو آشا رهت آهي، آشا جو سوامي آهي اُن پرش جي هڪ مني نظر ماتر سان ماڻهو اُنت ٿيڻ لڳندا آهن.

وسشٽ مهاراج چون ٿا : ’هي رامجي! ماڻهو جيتريون جيتريون اِڇائون ڪندو آهي، آشائون ڪندو آهي اوترو ئي هردي کان ننڍو ٿيندو ويندو آهي ۽ جيترو جيترو آشائن اِڇائن کي ڇڏيندو آهي اوترو مهان ٿيندو ويندو آهي.

اها بلڪل سڌي ڳالهہ آهي تہ جڏهن جڏهن ماڻهو چنتا ۾ ٻڏل

ان گڏ ڪيڏندس.“

دوست : ”تہ آئيسڪريم وقت تہ مونکي گهرائينديں“؟

نڌهن بڌوُ حلوائيءَ خفي ٿيندي چيس : ”ڪيترو نہ مورک
آهين! مان پنهنجي ڪلپنا جا گهوڙا ٿو ڊوڙايان تون پنهنجا
منهنجي مٿان چو ٿو چڙهين؟ پاڳل ڪٿان جو!

هاڻي گيان جي درشٽيءَ سان ڏسو تہ هوُ جو ڪلپنائن جا گهوڙا
ٿو اهو سڀ ٿي وڃڻ تي بہ ڇا سکي رهندو؟ گرمي لڳي تہ
ي. چالو ڪئي. اهڙا لکين ماڻهو ملندا جن وٽ رهڻ لاءِ مڪان
ڌن آهي، ڪار آهي، ڇا اُهي ماڻهو سکي ٿيا آهن؟ اهي باهريون
پراپت ڪري سکي ٿيڻ جي جيڪا آشا آهي اها ماڻهوءَ کي غلام
دي آهي. انهن آشائن کي وڌائڻ، انهن جي پنيان گهمڻ ڄڻڪ
ٻيرن ۾ هٿڪڙيون وجهڻ آهي. پرالبڌ سان جيترو ان جل ملڻو
ملي ويندو. توهان پنهنجو پرشارٿ ڪريو پر انهن شين ۾ سک
جيڪا اِڇا آهي اها اِڇا ماڻهوءَ کي جنم مرڻ جي چڪر ۾
ي آهي ۽ اها ئي اِڇا ماڻهوءَ کي در در ڀٽڪائيندي، غلام
دي آهي.

نند کان پري رهو، سداچاري ٿيو. من جي مناوت هٽايو، جا دکہ
ارڻ آهي.

نجن اِڇائن کي قابوءَ ۾ آڻڻ لاءِ پاڻ کان اوُچ پرشن جي نگاهن
ڻ گهرجي.

هري اوم .... هري اوم ....

ڪتا امرت

هڪ دفعي ٻڏو حلوائي سندس دوست سان گڏ ساهڙي ويو. اُتي هڪ ڏينهن تڪيو ۽ شام جو باغيچي ۾ گهمڻ ويو. اُتي ڪنهن هنڌ ويهي دوست سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو: ”آها! شادي ته تي ويئي. هاڻي ڪمائبو. وڏو گهر تيندو ..... هڪ ڪار هوندي ..... ٻه رسوئيا (رانڌا) هوندا ..... ٻه چار ٻار هوندا ..... سُومِنگ پوُل هوندي ..... سهڻو باغيچو هوندو .....“

دوست: ”سندر باغيچو هوندو ..... سُومِنگ پوُل هوندي ته تون مونکي ترڻ لاءِ گهرائيندي؟“

ٻڏو حلوائي: ”اهو مان هاڻي چئي نٿو سگهان.“

دوست: ”اَڇا! ..... پاڻ ڪار ۾ گهمائڻ ته وٺي ويندين؟“

ٻڏو حلوائي: ”اهو ته مان هاڻي چئي نٿو سگهان. پوءِ پنهنجو هوائي جهاز وٺندس. وڏي ڪمپني کوليندس ..... پرديس ۾ ٻه ڪمپني کوليندس ۽ چوطرف منهنجو نالو تيندو. سهڻا سهڻا گديلا -وڇائا هوندا. هاڻي ته پل ائين ئي آيو آهيان. هڪ ساڏارڻ نانيءَ جيان جيئيان پيو. پر منهنجا ٻه اهي ڏينهن ايندا.“

دوست: ”اهي ڏينهن ايندا ته تون مونکي گهرائيندين ته سهين؟“

ٻڏو حلوائي: ”هينئر ڪجهه چئي نٿو سگهان. گرمين جا ڏينهن هوندا .... اي. سي. هلندي. تڏي تڏي آئيسڪريم کائيندس .....

”جيون جي سگنڊ“

”من تي وجيہ“

راجستان جي مشهور مهاتما پوري ٻائيءَ جي جيون جو هيءُ
ڪ پريرڻا ڏيندڙ پرسنگ آهي.

وڏوا پٽي جي اوستا ۾ پوري ٻائيءَ هڪ ٽانگي واري جي
وڙي لاءِ اناج پيهندي هئي. ان مان جيڪا ڪمائي ٿيندي هئس
ِ مان پنهنجي پيٽ پالنا ڪندي هئي ۽ آئي - وئي، ساڌو - سنت
ي ٻہ ڀوڄن ڪرائيندي هئي.

هڪ دفعي پوري ٻائيءَ کي ڏاڍو تيز بخار ٿيو. ڇهن ڏينهن
ئين بستري ۾ داخل رهي. جنهن ڪري ٽانگي واري وٽ گهوڙي لاءِ
ٽو پيهڻ بہ نہ وڃي سگهي. وٽس ڪا بچت بہ نہ هئس ۽ ڪمائي نہ
ڻ ڪري هاٽي هڪ پائي بہ نہ بچي هئس.

بخار لهڻ کانپوءِ زوردار بکہ لڳس. گهر جا سڀ دٻا ٽٽولڻ کانپوءِ
ڪ پائي(پئسو) مليس جنهن مان ڪڊو (دوڌي) خريد ڪري، اُٻاري
ئي وري داڻا پيهڻ لڳي ويئي. ان ڏينهن جي ڪمائيءَ مان فقط اٽو
ي خريد ٿي سگهيو. اٽي جا ڦلڪا تہ پچايائين پر بخار کانپوءِ وات
ڪو ڦلڪو ٿي پيس ان ڪري ڪجهہ تکو کائڻ جي اِڇا ٿيس. خالي
خو ڦلڪو کائڻ جي ڪوشش تہ ڪيائين پر سڪل ڦلڪو نڙيءَ کان
يٺ ئي نہ پيو لهيس. گهر ۾ ڪي مرچ مصالا تہ هئس ڪونہ. اهڙي
رح لڳاتار ٽن ڏينهن تائين من ۾ مرچن جي چٽڻي يا اهڙو ڪجهہ
و کائڻ جي ڏاڍي اِڇا ٿيندي رهيس. ڀوڄن ڪرڻ ويهي ۽ مرچ ياد
چنس.....

”گيان ڌارا“

يوگ وسشٽ مان ڪي ورق

وسسٽ جن چون ٿا ’هي رامچي! جنهن جو چت اِڇائون ڪند
رهي ٿو ۽ شاستر انوسار پرشارٿ نٿو ڪري سو ڪڏهن به سک ن
پائيندو، ڇاڪاڻ ته اُن جي ورتڻ اُبتڙ آهي. پرشارٿ ٻن پرڪارن ج
آهي - هڪڙو شاستر جي وڌيءَ انوسار ۽ ٻيو شاستر جي اُبتڙ. جو پرش
شاستر کي ڇڏي پنهنجي اِڇا انوسار ڪرم ڪري ٿو سو سڌتا کي نٿ
پائي ۽ جو شاستر انوسار پرشارٿ ڪري ٿو سو سڌتا پائي ٿو. هي
رامچي! انيو (ڄاڻ) کان يادگيري ٿئي ٿي ۽ يادگيريءَ کان انيو ٿئي
ٿو. اِهي ٻئي انهيءَ طرح سڌ ٿين ٿا ٻيو ديوُ ڪوبه ڪونهي. اهي جي
جو ڪجهه ڪري ٿو سو ئي هن کي ملي ٿو. پر جو بلوان پرش آهي
سو شاستر انوسار وچري ٿو. جنهن جا ٻيريان سنسڪار بلوان ٿين ٿ
تنهن جي جئه ٿئي ٿي. پر جو وڌوان پرش بلوان ٿئي ٿو سو به اُ
کي جيتي وٺي ٿو. جيئڙيءَ طرح هڪڙي پرش جا ٻه پٽ آهن ت
ٻنهي کي هو پاڻ ۾ لڙائي ٿو، اُنهن ٻنهي مان جو بلوان ٿئي ٿو س
ئي جيت کي پائي ٿو، پر پٽ ته ٻئي هڪڙي پرش جا آهن، تيڙي
طرح شب ۽ اشب، ٻئي ڪرم جيو جا آهن، تن مان پورب جي
سنسڪارن ڪري جنهن کي شب ڪرمن جو بل ٿئي ٿو تنهن جي جئ
ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هي جيوُ ست سنگ ڪري ٿو ۽ ست شاستر ک
ويچاري ٿو، تنهن هوندي به هوُ موٽي پڪيءَ وانگر سنسار روپي و
ڏانهن اُڏامندو رهي ٿو. تنهن ڪري پورب جنم جا سنسڪار بلي
ڇئبا، جنهن ڪري هوُ استر ٿي نٿو سگهي. اهڙيءَ طرح ڄاڻي پرشارٿ
کي تياڳ نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن جا پورب جا سنسڪا
اشب آهن ته هوُ اُنهن کي ست سنگ ڪرڻ، ست شاسترن جي ويچار
۽ پرشارٿ ڪرڻ سان جيتي وٺي ٿو پر جيڪڏهن پورب جي سنسڪار
۾ برن ڪرمن جون واسنائون پيل آهن ته اڳتي شب ڪرمن ڪرڻ سا
انهن جو اپاءُ ٿي وڃي ٿو ۽ هوُ اها جيت پرشارٿ ڪرڻ سان پائي ٿو

★ شرڌا ۽ سمجھ ★

مان شرڌا جي پيٽ ۾ سمجھ تي وڌيڪ وشواس ڪندو آهيان.
ي ماڻهو شرڌالو آهي ۽ سمجھ نہ اٿس تہ ان جي بدلجي وڃڻ
برو مارگ پڪڙڻ ۾ دير نہ لڳندي. جيڪڏهن ڪوئي سمجھو آهي
رڌا نہ هجڻ ڪانپوءِ بہ ڪو آپدا ڪاريہ نہ ڪندو.

سمجھو ڪٿي، ڪوئي ماڻهو مون ڏانهن ڏاڍي شرڌا رکي ٿو، پر
ڪي سمجھ نہ آهي تہ هن جي شرڌا بدلجڻ ۾ دير نہ لڳندس.
يڪڏهن ڪوئي سمجھو ماڻهو آهي ۽ منهنجي لاءِ ڪيس شرڌا نہ
، تنهن هوندي بہ هو منهنجي خلاف ڪنهن بہ قسم جو اٿڻهندڙ
بہ نہ ڪندو.

فقط شرڌالو ۽ جذباتي ماڻهو هڪ پل ۾ پنهنجو سر بہ ارپڻ
لاءِ تيار ٿي سگهندو آهي، پر ٻئي پل هو سامهون واري جو سر
لاءِ بہ تيار ٿي ويندو. سمجھ بنا شرڌا نڪمي آهي، مگر سمجھ
اٿس تہ هو اهڙو ڪوئي ڪم نہ ڪندو جيڪو مريادا جي خلاف
ي.

ها، شرڌا ۽ سمجھ اهي ٻئي جنهن جي جيون ۾ آهن، اهو
وشواس جوڳو ۽ سيني جو هتڪاري هوندو آهي. ڪٽمب، سماج
نهن بہ سنستا جي اُنتيءَ جو آڌار.

اهڙو ئي ماڻهو ٻڻجي سگهندو آهي جنهن ۾ شرڌا ۽ سمجھ ٻئي

(’موڪش شاستر‘ نالي ڪتاب مان ايپلاش داس)

لڳاتار ٽن ڏينهن تائين مرچن جي ياد ستائڻ ڪري پوري ٻائيءَ فيصلو ڪيو تہ هاڻ هن مرچن واري ورتيءَ کي مٽائڻو ئي پوندو. اِهو نشچيہ ڪري جڏهن کائڻ ويٺي تہ وري رکي روٽي نڙيءَ کان هيٺ ڳرڪائڻ مشڪل ٿي پيس. ويٺي ويٺي مرچن جو درشيہ اکين اڳيان ڦرڻ لڳس.

ان وقت هڪ پيڻ سندس پرسان ئي ويٺي هئس. پوري ٻائيءَ ان پيڻ کي ڳالهِ جو چيٽو آڻڻ لاءِ چيو.

ان پيڻ کي لڳو تہ پوري ٻائيءَ کي گهر ۾ ليپو پائڻ لاءِ چيٽو گهرجي. انڪري چيٽو ڳولهي آڻي سندس اڳيان رکيو.

پوري ٻائيءَ ان مان ٿورو چيٽو کنيو ۽ روٽيءَ تي مَکي (لڳائي) کائڻ لڳي. هوءَ پيڻ تہ ڏسي دنگ رهجي ويئي. سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳس. هن کي لڳو تہ : ”مون چيٽو آندو انڪري پوري ٻائيءَ کي ڪاٺو تو پوي .....“ هن پوري ٻائيءَ کي پراٿنا ڪئي ”مان پنهنجي گهر مان چٽني، ڀاجي يا مرچ کڻي ٿي اچان.“

پر پوري ٻائيءَ تہ پريم سان ڪائيندي چيو : سڪل ڦلڪو نڙيءَ مان نہ پيو لهي اِن ڪري چيٽو ٿي لڳائي ٿي کانوان. هن مرچ مصالن جي اِڇا وري من ڪي اَج اهڙو ئي ڦلڪو کارائيندس. تون اجايو پريشان نہ ٿي.

هن پرسنگ ڪانپوءِ پوري ٻائيءَ کي زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن من تي وجيہ پائڻ لاءِ ڪشٽ نہ ڪرڻو پيو. سچ ئي آهي : ”جنهن من جيتيو اُن جڳہ جيتيو.“

پنهنجن سان پنهنجون ڳالهيون

سماڌان جو سُر

آنند سروپ هوندي به مونکي ڏک ڇو ٿيندو آهي؟ پريپورڻ
ي به پاڻ ۾ ڪمي ڇو محسوس ڪندو آهيان؟ سموري درشيه
جو رچيندڙ (سرشٽا) هوندي به دين ڇو ٿو بڻجي وڃان؟ سک
گر هوندي به سک لاءِ ٻاهر ڇو ڀٽڪان ٿو؟.....اهي اهڙا زوردار
هر جڳياسوءَ ساڌڪ جي هرديه ۾ ور ور اُٿندا رهندا آهن.
هن انهن جو ٻڌي-گت حل ئي ڳولهڻو هجي ته شاستر پڙيا پيا
پر شاسترن ۾ ڳولهڻ ڪانپوءِ به اندر ۾ سماڌان جو پورڻ سر نه
آهي.

ڇا انهن سوالن جو پورڻ سماڌان ڪوئي به، ڪٿان به، ڪونه
سگهندو؟

मिल जाये कोई पीर फकीर
पहुँचा दे भव पार.......

ملي وڃي ڪو به برهم گياني، سچو سنگرو جو من جي هر سنسي
ر الجهن جو حل آسانيءَ سان ڪرائي سگهي.

اڄ آشرم ۾ هزارين لکين ساڌڪ اهڙي ئي سماڌان جو سُر سڻندا
آهن. وڏي ڳالهه وري اها جو هتي اچي اهي سوال مک سان پڇڻا
ا آهن. فقط سائين جن جي سنمکه ويهي، انهن جي يوگ پورڻ نيڻن
ي تيندڙ امرت ورکا ۾ سنان ڪرڻ سان خود به خود اندر جون
ون سُلجهڻ لڳنديون آهن. هرديه آنند جي لهرن سان لهرائيندو
سائين جن جي سانيديه ۾ نه ڄاڻ ڪهڙي اگم-نگم لوڪ کان ايندڙ
نند، گيان وهڪري ۾ سڀ سوال حل ٿي ويندا آهن.

❊ وديارٿين جي سڦلتا جون ڪُنجيون ❊

اڪثر ڪري ڏٺو ويندو آهي تہ پريکيائن جو نالو ٻڌندي ئي وديارٿي ڇرڪڻ لڳندا آهن. امتحانن جي تاريخ ويجهو ايندي ڏسي ٻارن جو دل دماغ چنتا گرست ٿي ويندو آهي. جيتوڻيڪ امتحان ڪ اهڙي بلا نہ آهي. انهن لاءِ ايترو چنتن ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي. پنهنجو آتم وشواس وڌائجي. پنهنجي اورچائيءَ ۽ ڀڳوان جي ڪرپا تي ڀروسو رکجي. خوش دل ٿي امتحانن جي تياري ڪجي تہ سڦلتا اوس ملندي. وديارٿين کي

(۱) پڙهائيءَ سان گڏوگڏ نيم سان جپ-ڌيان بہ ڪرڻ گهرجي. ۽ امتحانن جي ڏينهن ۾ تہ درڍ آتم وشواس ۽ ساوڌاني سان ڪرڻ گهرجي.

(۲) امتحانن جي ڏينهن ۾ پرسن چت ٿي پڙهجي نہ ڪي چنتا ڪندي ڪندي.

(۳) هرروز صبوح جو خالي پيٽ ۵-۷ تلسيءَ جا پن کائي پاڻي پيئڻ سان ياد شڪتي وڌندي آهي.

(۴) سورج ديوتا کي منتر اُچاريندي جل چڙهائڻ سان ٻڌي شڪتيءَ جو وڪاس ٿيندو آهي.

(۵) پيپر شروع ڪرڻ کان پهرين اشٽ ديو، گروديو يا ڀڳوان کي اوس ياد ڪجي.

(٦) پهرين سڄو سوالي پيپر ايڪاگرچت ٿي پڙهي وڃجي پوءِ سولن سوالن جا جواب لکي ڇڏجن.

(۷) سوال جواب سهڻن ۽ چٽن اکرن ۾ لکجن.

(۸) ڪنهن سوال جو جواب نہ اچي تہ گهبرائجي نہ وڃجي. شانت چت ٿي پرماتما کي گروديو کي پراٿنا ڪجي تہ فائدو ٿيندو

(۹) رات جو دير تائين نہ پڙهجي صبوح جو سوير اُٿي ڌيان ڪري پڙهڻ سان جهٽ ياد پوندو.

پوجيه سائين جن جا ستسنگ پروگرام

تاريخ	ٽائيم	استان	سمپرڪ فون
ڪان ١٣ پٽمبر ٩٨ -٩-١١ يارتين لاءِ	صبوح جو ٩-٣٠ ڪان ١١-٣٠ شام جو ٢-٣٠ ڪان ٥-٣٠ صبوح جو ٩-٣٠ ڪان ١١-٣٠	وهاڻي چنڊرين اڪيڊمي جي سامهون، گگن پٽ، شري گنگانگر، راجستان.	٢٧٠٩٢، ٢٠٦٤٥ ٢٢٢٦٩، ٢١٥٦٩
ڪان ٢٠ پٽمبر ٩٨ -٩-١٨ يارتين لاءِ	صبوح جو ٩-٣٠ ڪان ١١-٣٠ شام جو ٢-٣٠ ڪان ٥-٣٠ صبوح جو ٩-٣٠ ڪان ١١-٣٠	پراڻي پوليس لائين مئدان، هسار هرياڻا	٢٢٤٩١، ٢٥٦٩٧ ٣٠٦٤٩، ٢٨٢٧٤ ٢٧٧٩٦
ڪان ٢٧ پٽمبر ٩٨		جالندر	(٠١٨١) ٢٩٥٦٧٤ ٢٧٦٨١٢
ڪان ٤		لڌيانا	(١٦١٠) ٨٤٤٨٧٥، ٨٤٥٤٧٣
ڪان ٧ ڪٽوبر ٩٨		دهلي وديارٿي شبر	٥٤٥٨٧٠، ٥٠١٦٩٨١ ٥٧٦٤١٦١، ٥٧٢٩٢٢٨
ڪان ١١ ڪٽوبر ٩٨		ميرٽ	(٠١٢) ٥٤٢٥١٨، ٥٤٠٧٤١
ڪان ٨ بر ٩٨		پشچم دهلي	٥٦٨٢٥، ٥٥٨٩٢٠٤ ٥٧٢٩٢٢٨، ٥٤٦٨٥٢٢ ٥٧٦٤١٦١
ڪان ٢٢ بر ٩٨		گانڌي مئدان پٽنا، بهار	

صحت جڳت

شرد رُت ۾ تندرستيءَ لاءِ ماڪ ۾ گهمڻ، ڏينهن جو سمهڻ
پيٽ ڀري ڀوڄن ڪرڻ ٺيڪ ناهي. آهار ۾ ڏهي، تيل، برف اُس
تکا تريل پدارٿ نہ ورتائجن.

هن مند ۾ پت دوش جي شانتيءَ لاءِ شاستر جي رچنا ڪندڙ رشي
کيرٽي، ديسي گيهہ جو سيرو کائڻ ۽ شراد ڪرم ڪرڻ جو آيوجن ڪي
آهي. چنڊ جي سيتلتا ۾ سئر ڪرڻ، گربا ڪرڻ ۽ شرد پورنما جو اُتس
ملهائڻ جو بہ ورنن ايندو آهي. ڳُڙ ۽ ڳوڳهري (اوباريل جوئر - باجهري
وغيره) کائڻ ۽ صاف - سترا وستر پهري گل - ڪافور ۽ چندن دواران پوڄ
ڪرڻ سان من پرسن ۽ شانت ٿي پت دوش گهٽائڻ ۾ سهايتا ڪندو آهي

ساوا داڻا

ساوا داڻا فقط ڀاڄين ۾ وجهڻ جي ئي نہ پر هڪ سُني دوا طو
بہ ڪتب ايندا آهن. ان جو اثر ٿڌو، سواد ۾ ڪوڙو، ڪسارو، سٺيو
پچڻ ۾ هلڪو، اُرچي مٽائيندڙ، جنرا تيز ڪندڙ، پت جو ڪوپ
مٽائيندڙ ۽ گرميءَ ڪري ٿيندڙ تمام روڳن ۾ لاڀدائڪ آهي.

گهٽي گرميءَ ڪري بخار هجي يا مدي جي تپ ڪري دست
سان گڏ خون ايندو هجي تہ ساون داڻن جو رس ٢٥ م.گ. ۽ مصري
يا گلوڪوس گڏي پيئڻ سان فائدو ٿيندو آهي.

بخار ۾ سرير ۾ جلن ٿيندي هجي تہ داڻن جي رس لڳائجي
چانورن ۾ پاڻيءَ جي بدران ساون داڻن جي رس وجهي پريش
ڪُکر ۾ رڌيو. مٿان سچو گيهہ ۽ مصري وجهي کائو. ان سان کهڙي
بہ بيماريءَ ڪري سرير ۾ ٿيندڙ جلن شانت ٿيندي آهي.

اُرچي مٽائڻ لاءِ سڪل داڻا، ننڍا ڦوٽا ۽ ڪارا مرچ انهن ج
چورڻ ناهي گيهہ ۽ مصري گڏي وٺو.

ساوا داڻا، ڦودنو، جيرو، ڪارا مرچ، سينڌو لوڻ، ادرڪ ۽ مر
ڪٽي ان ۾ ٿورو ڳُڙ ۽ ليمي جو رس وجهي چٽڻي ناهيو. ڀوڄن وقت
اها کائڻ سان اُرچي ۽ بدهاضمو مٽجندو آهي.

تاريخ سنڌي	تاريخ انگريزي	تت	سج اڀرڻ	سج لهڻ	وڏا ڏينهن، ڏڻ، ورتيون ۽ ورت
١٨	10	پانچم	٦-٣٧	٦-١٨	
١٩	11	ساتم	٦-٣٦	٦-١٧	
٢٠	12	آٺم	٦-٣٦	٦-١٦	ڪالاشتمي
٢١	13	نوم	٦-٣٦	٦-١٥	
٢٢	14	ڏسم	٦-٣٧	٦-١٤	
٢٣	15	گيارس	٦-٣٧	٦-١٣	گيارس
٢٤	16	گيارس	٦-٣٨	٦-١٨	رما گيارس
٢٥	17	ٻارس	٦-٣٨	٦-١٢	سگرو ٻارس، ڌن تيرس
٢٦	18	تيرس	٦-٣٩	٦-١١	
٢٧	19	چوڏس	٦-٣٩	٦-١٠	نرڪ چوڏس، سوموتي اُماس، مهاوير نرواڻ ڏينهن
٢٨	20	اماس	٦-٤٠	٦-٠٩	
٢٩	21	ايڪم	٦-٤٠	٦-٠٨	چنڊ

❋ گهڻ دولت وارو گهر به جي سلڇڻو آهي ته وڏو گهر آهي دولتمند گهر ۾ به جي لڇڻ نه آهن ته اُنکي ڇڱو سمجهڻ نه .

❋ قرض وڏو مرض آهي.

❋ جنهن جي واڻي ۾ وهنوار سخت آهي، تنهن سان مفلسي ۾ ...اڻ آهي.

مهنو ڪتي وڪرم سنمبت ٢٠٥٥ شاڪ ١٩٢٠
23 سيپٽمبر کان 21 آڪٽوبر 1998 تائين

ڏينهن	تاريخ سنڌي	تاريخ انگريزي	تٿ	سج اڀرڻ	سج لهڻ	وڏا ڏينهن، ڏڻ، ورسيون ۽ ورت
ٻڌر	١	23	ٽيج	٦-٢٩	٩-٣۴	وڏا ڏينهن ڏڻ ورسيون ۽ ورت
وسپت	٢	24	چوٿ	٦-٢٩	٦-٣٣	
جمع	٣	25	چوٿ	٦-٣٠	٦-٣٢	
ڇنڇر	۴	26	پانچم	٦-٣٠	٦-٣١	
آرتوار	٥	27	ڇٺ	٦-٣١	٦-٣٠	
سومر	٦	28	ساتم	٦-٣١	٦-٢٩	مهالڪشمي پوڄن
منگل	٧	29	آٺم	٦-٣١	٦-٢٨	درگا اشٽمي، سرسوتي پوڄن
ٻڌر	٨	30	نوم	٦-٣٢	٦-٢٧	نوراترو اسٿاپن اُپواس پارڻا
وسپت	٩	1	ڏسم	٦-٣٢	٦-٢٦	دسهڙو، وجيا دشمي، شري ماڌواچاريہ جينتي
جمع	١٠	2	گيارس	٦-٣٢	٦-٢٥	گانڌي جينتي
ڇنڇر	١١	3	ٻارس	٦-٣٣	٦-٢۴	
آرتوار	١٢	4	تيرس	٦-٣٣	٦-٢٣	
سومر	١٣	5	پونم	٦-٣٣	٦-٢٢	ستينارائڻ، شرد پونم، والميڪي جينتي، ڪارتڪ سنان شروع
منگل	١۴	6	ايڪم	٦-٣۴	٦-٢١	ووشنپدي ستنارائڻ، جترماد ختم، مانگهہ، چنڊ گرهڻ
ٻڌر	١٥	7	ٻيج	٦-٣۴	٦-٢٠	
وسپت	١٦	8	ٽيج	٦-٣٥	٦-١٩	
جمع	١٧	9	چوٿ	٦-٣٦	٦-١٨	

لکپرھہ لاءِ ائڊريس :

★ Sant Shri Asharamji Ashram
abarmati, Ahmedabad - 380005
el. : (079) 7505010, 7505011

★ Lajwanti G. Veerbhani
26, Kalidas Nagar,
ambe Hanuman Rd,
lr. Tikamnagar - 1, Surat.

★ Kiko Studio
hop No.1, Plot No. 287,
/ard 12-13, Gandhidham (Kutch)
el : 22083

★ Nanakram Asudomal
'ardhaman Nagar
. No. 151, Kalol (Guj) 382721
el. : 22757, 23549

★ Lata Khatwani
. No. 1325, W.No. 3, Lodha Mohalla
lasirabad, Ajmer (Raj) 305601
el. : 20914

★ Anoop Ramani
/o Vastu Engineers
'13/190A, Civilines,
aizabad (U.P) 224001
)5278) 23689, 22058

★ Sant Shri Asharamji Ashram
. T. Section, Ulhasnagar - 421 002
'el. : (0251) 542696, 563881

★ Mohan G. Rohira
5, Uphar Plot 148, 10th Rd.
Khar, Bombay 400 052
Tel. : 6497670

★ Shri Yog Vedant Seva Samiti
C/o. Kishinchand S. Dhanwani
'Hari ॐ Shanti' Niwas
Kachhi Kholi, Sindhi Camp,
Akola (M.S.) Tel.: (0724) 435971, 439162

★ Shri Yog Vedant Seva Samiti
Hari ॐ Provision, 15 Municipal
Dharamshalla, Shivaji Rd,
Jalgaon (M.S) 425001
Tel : 27456, 225894

★ Sant Shri Asharamji Sat-Sahitya Kendra
Tak Plaza, Ambadevi Rd,
Amravati (M.S)

★ M/s Mahalaxmi Travels (shanker)
111A/19B, Ashok Nagar,
G. T. Rd., Nr. Coca Cola Chauraha
Kanpur (UP) - 208012
Tel : 291739, 297715

★ Santi Shri Asharamji Ashram
Khandwa Rd, Nr. Bilavali, Talab,
Indore (M.P) Tel. : 478031, 63068

★ Santosh Kumar Agarwal
C/o Prabha Kiryana Store,
Stn. Rd, Tilda Neora
Raipur (M.P) 493114

DARVESH DARSHAN (Monthly)
Shri Yog Vedant Samiti, Sabarmati, Ahmedabad-5.
Postal Registration No. : GAMC 640 ❑ Sep., 1998
Lic. to Post Without Pre-Payment Lic. No. : 273

برهم اِستتي پراپت ڪر
ڪاريہ باقي رهي نا ٻيو......

هي ايشور جا سناتن انش! پنهنجي سناتن سروپ کي جاڳاءِ. سناتن سک کي پراپت ڪر.

هي ساڌڪ! سنسار جي ننڍين وڏين سڦلتائن ۽ سکد پراِستتين ۾ نہ رڪجاءِ. سڦلتا ۽ اسڦلتا ٻنهي جي مٿي تي پير رکي تون پنهنجي آتم پد ۾ استر رهہ.

شاباس وير ! شاباس ! همت ڪر! ساهس ڪر ! ڌيرج ۽ ساوڌانيءَ سان اڳتي وڌ.

سمورين سڦلتائن جو حقيقي سار اهو آهي تہ اچڻ وڃڻ وارين سڦلتائن ۽ اسڦلتائن جي پار ڪوئي اهڙو تتوَ آهي، اهڙي چيز آهي جتي نہ مرتيوءَ جو ڊپ آهي نہ جنم جو ٻندن آهي، نہ قدرت جو اثر آهي نہ پنهنجي پرميشور سروپ جي دوري آهي. اهڙي شاشوت سناتن سروپ کي پڪ ئي پائي وٺ، جاڳي وٺ ۽ جيئري ئي مڪت ٿي وڃ ۽ ٻين جي لاءِ بہ مڪتيءَ جو مارگ سولو بڻائيندو وڃ.

ॐ آنند ! آنند ! سچ پچ آنند ! برهمانند ! پرمانند ! اِيشوريہ آنند !